# سنڌ ايڪٽ نمبر XIX مجريہ 2011

# SINDHACT NO.XIX OF 2011

# سنڌ سياحن جي رهنمائي ڪندڙ ايڪٽ، 2011

# THESINDH TOURIST GUIDES ACT, 2011

## فهرست(CONTENTS)


تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1.مختصر عنوان، واڌارو۽ شروعات

Short title, extent and commencement

2.وصفون

Definitions

3.ڪميٽي

Committee

4.سياحن جي رهنمائي ڪندڙن ڪي لائسنس جاري ڪرڻ

Licensing of tourist guides

5.نظم و ضبط

Code of Conduct

6.لائسنس جي معطلي يا رد ڪرڻ

Suspension or cancellation of license

7.سياح جي رهنمائي ڪندڙ طور ڏيکاءُ ڪرڻ تي پابندي

Prohibition to act as a tourist guide

8.سياحن جي رهنمائي ڪندڙن جي خدمت جون چارجز
Service charges of tourist guides
9.ڏنڊ ۽ طريقيڪار
Penalty and procedure
10.اختيارن جي منتقلي
Delegation
11.قاعدا جوڙڻ جو اختيار
Power to make rules

# سنڌ ايڪٽ نمبر XIX مجريه 2011

# SINDHACT NO.XIX OF 2011

# سنڌ سياحن جي رهنمائي ڪندڙ ايڪٽ، 2011

# THESINDH TOURIST GUIDES ACT, 2011

[6 جولاءِ 2011]

ايڪٽ جنهن ذريعي سياحن جي رهنمائي ڪندڙن جي شعبي لاءِ قاعدا ۽ ضابطا فراهم ڪيا ويندا؛

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سياحن جي رهنمائي ڪندڙن جي شعبي لاءِ قاعدا ۽ ضابطا فراهم ڪرڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

ان ڪري هن ريت عمل ۾ آندو ويندو:

مختصر عنوان، واڌارو ۽ شروعات
Short title, extent and commencement

1.(1) هن ايڪٽ کي سنڌ سياحن جي رهنمائي ڪندڙ ايڪٽ، 2011 سڏيو ويندو.

(2) ان کي سڄي صوبي سنڌ تائين وڌايو ويندو ۽ اهو سياحن جي رهنمائي ڪندڙن تي لاڳو ٿيندو، جتي بہ هجن.

(3) اهو فوري طور لاڳو ٿيندو.

وصفون
Definitions

2.هن ايڪٽ ۾، جيستائين ڪجھ مضمون ۽ مفهوم جي

متضاد نہ هجي، تيستائين:

(a) ”ڪميٽي“ حڪومت طرفان دفعہ 3 تحت جوڙيل سياحن جي رهنمائي ڪندڙن جي ريگيوليٽري ڪميٽي؛

(b) ”حڪومت“ مطلب سنڌ حڪومت؛

(c) ”لائسنس“ مطلب دفعہ 4 تحت جاري ڪيل لائسنس؛

(d) ”بيان ڪيل“ مطلب قاعدن موجب بيان ڪيل؛

(e) ”قاعدا“ مطلب هن ايڪٽ تحت جوڙيل قاعدا؛ ۽

(f) ”سياح جو رهنمائي ڪندڙ“ مطلب اهو شخص جنهن کي دفعہ 4 تحت اهڙو لائسنس ڏنو ويو هجي؛

ڪميٽي
Committee

3. (1) هن ايڪٽ جي شروعات کانپوءِ جيترو جلد ممڪن ٿي سگهي، حڪومت ٽوئرسٽ گائيڊ ريگيوليٽري ڪميٽي جي نالي سان هڪ ڪميٽي جوڙيندي جيڪا چيئرمين ۽ اهڙن ٻين ميمبرن تي مشتمل هوندي، جيئن حڪومت مقرر ڪري.

(2) چيئرمين ۽ ڪميٽي جا ٻيا ميمبرز حڪومت جي رضا سان اهڙين شرطن ۽ ضابطن موجب آفيس رکي سگهندا، جيئن حڪومت طئي ڪري.

(3) ڪميٽي هيٺيان ڪم سرانجام ڏيندي، يعني:

(a) هن ايڪٽ جي گنجائشن ۽ قاعدن تي عملدرآمد ۾ حڪومت کي مشورو ڏيڻ؛

(b) حڪومت کي سياحن جي رهنمائي ڪندڙن لاءِ ڪوڊ آف ڪنڊڪٽ جي تياري ۾ مدد ڪرڻ؛ ۽

(c)اهڙا بيا ڪم سرانجام ڏيڻ جيڪي هن ايڪٽ سان لاڳاپيل هجن ۽ جيڪي حڪومت ان جي حوالي ڪري.

**سياحن جي رهنمائي ڪندڙن ڪي لائسنس جاري ڪرڻ**
**Licensing of tourist guides**

4.(1) ڪو بہ شخص جيڪو ٽوئرسٽ گائيڊ طور ڪم ڪري رهيو هجي يا ٽوئرسٽ گائيڊ ٿيڻ جو خواهش مند هجي، اهو لائسنس لاءِ حڪومت کي بيان ڪيل فارم تي درخواست ڪري سگهي ٿو.

(2) ذيلي دفعہ (1) تحت درخواست ملڻ تي، حڪومت بيان ڪيل ٽيسٽس رکڻ بعد ۽ درخواست گذار طرفان بيان ڪيل في جي ادائگي بعد جيڪڏهن اهو اهڙين ٽيستن ۾ ڪامياب ٿئي ٿو تہ درخواست گذار کي بيان ڪيل طريقي موجب لائسنس جاري ڪري سگهي ٿي.

(3)حڪومت هڪ رجسٽر رکندي جنهن ۾ سمورن ٽوئرسٽ گائيڊز جا نالا ۽ پتا داخل ڪيا ويندا.

(4) لائسنس، جيستائين اڳوات معطل نہ ڪيو وڃي يا دفعہ 6 تحت رد نہ ڪيو وڃي ٽن سالن جي عرصي تائين ڪارگر رهندو ۽ هر ٽن سالن جي عرصي بعد بيان ڪيل طريقي موجب بيان ڪيل في جي ادائگي تي نئون ڪيو ويندو.

**نظم و ضبط**
**Code of Conduct**

5.حڪومت ڪميٽي سان مشوري بعد ٽوئرسٽ گائيڊز لاءِ ڪوڊ آف ڪنڊڪٽ بيان ڪندي.

**لائسنس جي معطلي يا رد ڪرڻ**

Suspension or cancellation of license

6.(1) حڪومت ٽوئرسٽ گائيڊ ڪي سبب ٻڌائڻ جو موقعو ڏيڻ بعد تہ ڇو ان خلاف تجويز ڪيل قدم نہ کنيو وڃي، ٽوئرسٽ گائيڊ جو لائسنس معطل يا رد ڪري سگهي ٿي، جيڪڏهن اهو:

(a) لائسنس جي شرط ۽ ضابطن جي ڀڃڪڙي ڪري ٿو، يا

(b)ڪوڊ آف ڪنڊڪٽ جي ڀڃڪڙي ڪري ٿو.

(2) (a) ڪو ٽوئرسٽ گائيڊ جيڪو ذيلي دفعہ (1) تحت ڪنهن عملدار يا حڪومت کان سواءِ ڪنهن اٿارٽي جي ڪيل فيصلي يا حڪم سان متاثر ٿيو هجي تہ بيان ڪيل وقت اندر حڪومت کي بيان ڪيل طريقي موجب اپيل ڪري سگهي ٿو ۽ اهڙي اپيل تي حڪومت جا حڪم حتمي هوندا.

(b) حڪومت ڪنهن بہ وقت پاڻمرادو يا هن ايڪٽ يا قاعدن تحت حڪومت طرفان ڪيل ڪنهن بہ فيصلي يا حڪم سان متاثر ٿيل ڪنهن ٽوئرسٽ گائيڊ جي درخواست تي، بيان ڪيل وقت اندر ۽ بيان ڪيل طريقي موجب، اهڙو حڪم جاري ڪري سگهي ٿي، جيئن اها مناسب سمجهي:

بشرطيڪ اهو تہ ٽوئرسٽ گائيڊ خلاف ڪو بہ حڪم جاري نہ ڪيو ويندو جيستائين ان کي سبب ٻڌائڻ ۽ ٻڌڻ

جو موقعو فراهم نہ ڪيو ويو هجي.

سياح جي رهنمائي ڪندڙ طور ڏيکاءُ ڪرڻ تي پابندي
Prohibition to act as a tourist guide

7. سواءِ ان جي تہ جيستائين هن ايڪٽ تحت ڪجھ ٻيو نہ هجي، تيستائين ڪو بہ شخص پاڻمرادو پاڻ کي ٻاهر نہ ڪري سگھندو يا ٽوئرسٽ گائيڊ طور ڪم نہ ڪري سگھندو جيستائين لائسنس نہ رکندو هجي.

سياحن جي رهنمائي ڪندڙن جي خدمت جون چارجز
Service charges of tourist guides

8.(1) حڪومت وقت بوقت سرڪاري گزيٽ ۾ نوٽيفڪيشن ذريعي ٽوئرسٽ گائيڊز لاءِ وڌ ۾ وڌ اوڳاڙي لائق معاوضو طئي ڪندي، انهن خدمتن عيوض جيڪي انهن طرفان فراهم ڪيون وينديون.

(2)ٽوئرسٽ گائيڊ ڪنهن بہ شخص کان اهڙيءَ ريت فراهم ڪيل ڪنهن خدمت عيوض ذيلي دفعہ (1) ۾ ڄاڻايل طئي ڪيل چارجز کان وڌيڪ رقم وصول نہ ڪندو.

(3)ٽريول ۽ ٽوئرسٽ ايجنسيز جي ڌنڌي جي انتظامن ۽ ضابطي لاءِ قانون تحت لائسنس ٿيل ڪنهن ايجنسي طرفان ڪل وقتي بنيادن تي فڪس پگھار تي رکيل گائيڊز ڪنهن سياح کان ڪا في وصول نہ ڪندا.

ڏنڊ ۽ طريقيڪار
Penalty and procedure

9.(1) جيڪو بہ:

(a) اهو ماڻهو هوندو، جنهن کي لائسنس جاري نہ ڪيو ويو هجي؛ يا

(b)اهو ماڻهو هوندو، جنهن جو لائسنس رد ڪيو ويو هجي

يا وقتي طور معطل ڪيو ويو هجي؛

پاڻ کي ٻاهر رکي ٿو يا ٽوئرسٽ گائيڊ طور ڪم ڪري ٿو يا ٻي صورت ۾ هن ايڪٽ يا قاعدن جي ڀيڪڙي ڪري ٿو يا، ٽوئرسٽ گائيڊ هوندي ڪيس جاري ڪيل لائسنس جي شرطن ۽ ضابطن جي ڀيڪڙي ڪري ٿو يا دفعہ 8 جي ذيلي دفعہ (1) تحت جاري ڪيل نوٽيفڪيشن جي ڀيڪڙي ڪري ٿو يا بيان ڪيل ڪوڊ آف ڪنڊڪٽ جي ڀيڪڙي ڪري ٿو تہ اهو سزا لائق هوندو جيڪا سزا پنج هزار رپين تائين وڌي سگهي ٿي.

(2)ڪو بہ ماجسٽريٽ جنهن کي وقتي طور 1898 جي ڪوڊ آف ڪرمينل پروسيجر جي دفعہ 260 جي ذيلي دفعہ (1) ۾ ڄاڻايل ڏوهن جي ٻڌڻي جو اختيار هجي، اهو ان ڪوڊ جي باب XXII جي گنجائش موجب هن ايڪٽ تحت سزا لائق ڏوهن جي ٻڌڻي ڪري سگهي ٿو.

(3) ڪا بہ عدالت هن ايڪٽ تحت سزا لائق ڏوهہ تي ڪارروائي نہ ڪندي جيستائين ان سلسلي ۾ لکت ۾ يا حڪومت جي اٿارٽي هيٺ شڪايت نہ ڪئي وڃي.

اختيارن جي منتقلي Delegation

10. حڪومت سرڪاري گزيٽ ۾ نوٽيفڪيشن ذريعي هدايت ڪري سگهي ٿي تہ هن ايڪٽ تحت ان جا سمورا يا ڪي بہ اختيار، اهڙين شرطن تحت، جيڪڏهن ڪي هجن، جيئن بيان ڪيو ويو هجي، ڪنهن عملدار يا حڪومت جي ماتحت اٿارٽي طرفان استعمال لائق هوندا.

قاعدا جوڙڻ جو اختيار

11.(1) حڪومت سرڪاري گزيٽ ۾ نوٽيفڪيشن ذريعي،

| | |
|---|---|
| هن ايڪٽ جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ قاعدا جوڙي سگهي ٿي. | Power to make rules |
| (2)خاص طور تي ۽ مٿي ڄاڻايل اختيارن جي عام حيثيت سان تضاد ڪان سواءِ، اهڙا قاعدا هيٺين سمورن يا ڪجهه معاملن لاءِ فراهم ڪن ٿا، جهڙوڪ: | |
| (a) لائسنس جي جاري ڪرڻ ۽ نئين ڪرڻ لاءِ ادائگي لائق فيس؛ | |
| (b)فارم جنهن تحت لائسنس لاءِ درخواست ڪئي ويندي؛ | |
| (c)لائسنس جو فارم؛ | |
| (d)ڪوڊ آف ڪنڊڪٽ؛ ۽ | |
| (e)شرط جن تحت لائسنس ڏنو ويندو. | |

**نوٽ:ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**